# ٻار سنڌي ڪهاڻيءَ ۾

(ٻارن جي موضوع تي لکيل سنڌيءَ جي مشهور ليکڪن جون
چونڊ ڪهاڻيون)


سهيڙيندڙ

**ولي رام ولڀ**





سُهڻي

پبليڪيشنس

حيدرآباد، سنڌ

١٩٨٤ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇپائيندڙ: مقصود احمد ميمڻ، ٻاران سهڻي پبليڪيشنس
حيدرآباد سنڌ

ڇپيندڙ: سهڻي پرنٽرز، الهندو ڪڇو،
حيدرآباد سنڌ

ڇپجڻ جو مهينو: اپريل (۱۹۸۴ع)

قيمت سادي ڪاپي ۱۲-۰۰ روپيا
اڇي ٻڌي ڪي ۱۶-۰۰ روپيا

(سهيڙيندڙ جا حق ۽ واسطا قائم)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارپيان ٿو
سنڌي ٻارن کي
وليرام ولڀ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنهنجي طرفان...

شايد پڙهندڙ ڪتاب جي نالي مان اِهو سمجهن ته اهي ڪهاڻيون ٻارن لاءِ آهن. پر ائين ناهي. هن مجموعي ۾ اهي ڪهاڻيون شامل آهن، جن جو مرڪزي ڪردار ’ٻار‘ آهي، ۽ ٻار جي موضوع تي لکيون ويئون آهن.

هيءَ ڪتاب ’ٻارن جي سال‘ تي هڪ اداري ڪي ڇپڻو هو، پر ڪن مجبورين ڪري آهو ادارو انهيءَ سال ڪتاب ڇپجي نه سگهيو. وليرام ولڀ صاحب اِهو ڪتاب مونکي ڇپڻ لاءِ ڏنو. سوچيو هوم ته ٻئي سال مان اِهو ڪتاب ڇپي پڌرو ڪندس. پر خواهش جي باوجود به ڪتاب نه نڪري سگهيو.

هاڻ ته ٻارن جي سال ڪي گذري به سال ٿي ويا آهن.

وليرام صاحب ڪي انهيءَ موضوع تي جيڪي به ڪهاڻيون سجهيون ٿي، سي هن سهيڙي ڏنيون هيون. هن مجموعي ۾ آيل ڪهاڻين ڪان علاوه به اجا چار پنج ڪهاڻيون انهيءَ موضوع تي آهن، جيڪي به وليرام صاحب ڏنيون هيون، پر ڪتاب جي ڇپائيءَ ۾ ايتري ڪهڻي دير ٿي آهي، جو ڊپ هوم ته جيڪڏهن انهن ڪهاڻين لاءِ ڪتاب ڪي ترسائبو ته ماڳهين ڪتاب نڪرڻ ڪان ئي نه رهجي وڃي.

انهيءَ لاءِ وليرام صاحب ۽ پڙهندڙن ڪان معذرت.

— طارق اشرف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ھيءَ؟
ڇا ڪيائين جو آمالڪ پنھنجو ڏکھو ڪوٽ لاھي، لاش کي
آنھيءَ ۾ ويڙھي، ھون کي رڳو اک جي اِشاري سان
چيائين: وٺاءِ.
ھون ڪان نہ ڪئي ڪانہ ٿي.
لاش کي ائين کڻي، موٽر تائين آياسين تہ بابي کي چيائين:
معاف ڪجو. اوھين آفيس ۾ پيرين پنڌ ٿي ڪري وڃو. اسين
وڃي لاش مائٽن وٽ پھچائي ٿا اچون.
لاش کي موٽر ۾ سمھاري، اسين ھن جي مائٽن ۾ آياسين،
تہ آتي بہ ڪنھن کي ھمت نہ پيئي ٿئي، جو لاش جي ڪري
اوڏو اچي!
لاش جي حالت ڏسي ٻيئلن جي مٿي چڪر ٿي کاڌو. بہ چار
تہ آتي ئي ساڏا ٿي پئجي رھيا. فوتيءَ جي سئيءَ ۾ سڀي پيٽ،
تنھن بہ اوچنگارون سي ڏنيون پئي، ۽ لاش کي ھٿ ڪونہ
لاڻائين.
آتي بہ لاش کي آگھي سگھي، شريعت پٽاندڙ آن کي غسل
ڪرائي جنازي ۾ سمھاريو ھُن.
پوءِ ڪانڌي آيا ۽ ٻي خاق بہ اچي مڙي، جن قبرستان ۾ نيئي
ھن کي مٽي ڏني.

مھراڻ مخزن — حيدرآباد

سيپٽمبر ۱۹۴۷ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽڪو وڏو امان جو
چرو وڏو ابا جو
پيٽ وڏو سيٺ جو
پيٽ وڏو ... ڪنئون، ڪنئون، ڪنئون ڪم ... ٽون
دم ٻيهجي ويو، مسافر ويندو رهيو.

سفيد وحشي (ڪهاڻين جو مجموعو)

---

اپريل ١٩٤٧ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آتي مالڪڻ جو سخت گير آواز آيو، ”ڪمبخت چاڏين ٿــو ته پوءِ آن موجب ڇو نٿو ڪرين؟ سڄي رات ڪتي جي پونگڙي وانگر ’پين پن‘ ڪري، منهنجي ٻچي جي ننڊ ڦٽائي اٿس، هڪ ته ان کي ڇڇري آيو آهي، ٻيو اک لڳڻ نه ڏني اٿس. ڪڍ هن کي ٻاهر. جي هن کي نه ٿو ڪڍين ته ڪڻ تون به بسترو، مون کي ڪونه کپين، نڪرو هن گهر کان ٻاهر.“
ائين چئي هوءَ منهنجا ٽپڙ ٽاڙي ٻاهر اڇلائڻ لڳي.
سڄي دنيا صبح جي مٺي ننڊ ۾ مست هئي، ۽ مان پنهنجو سامان — هڪ غريب جو سامان جنهن ۾ نه پلنگ هئا نه فرنيچر هو، رڳو هڪ چادر ۽ ڪجهه ٻچيل چانور ۽ آٽو هو، ڪُنا ۽ هنڊيون ته مالڪڻ جي غصي جو ڪاچ ٿــي چڪا هئا. منهنجيءَ زال سٽل ٻار کنيو، ۽ مون گنڍڙي کڻي ۽ بيهوش دائود کي ڪنڌ تي رکيو، ۽ هڪ اڻ ڄاڻ منزل ڏي وک وڌائي. ڪاش، دائود کي ان وقت چئي سگهان ها، ’دائود تنهنجي درد جــي درمان مٺــي منهنجي وس ۾ ڪــانهي... تنهنــجي اهــا مٺي آخــر ڪٿان آڻي تو کي ڏيان،‘ پر ان وقت دائود اِها منهنجي ايڏڙي ڳالهه سمجهي به سگهي ها!

تماهي مهراڻ، حيدرآباد سنڌ

سيارو - ١٩٥٥ع

ڇنيان ٿورو پرتي هڪ نُوراڻي وِيٺي هئي. ”روئڻ ڏيس، امان! هيءَ روح جو رت آهي جو اُتي وهيو آهي. ڦٽ اڃا تازو آهي؟ ان ڪري انسان رت وهي سگهي ٿو. هيڪر اِهو رت جمي ويو ته پوءِ وهي نه سگهندو، منهنجي آمڙ!“

ٻيڍيءَ روح ۽ رت، نه جي ڳالهه سمجهي. پوءِ به ڪيس لڳو ته ڪيول ماءُ جي ننهن دل جي ڳالهه ڪري رهي آهي.

صبح جو سنڌس ڏيراٽي لاءِ ڪلڪتي مان آچي لٿي. دسوءَ پنهنجي پٽ لاءِ چوڪري ڏسڻ آئي هئي.

ٻاڳي پنهنجي سس جي ڏيروٽ عيشيءَ کي چيو، ”عيڏو پريان ڪنوار ڳولڻ آيو آهين، تون به ڏسي ڏڪي نوڪي ونج.“

عيشيءَ ڪڙڪ ۽ چٽي آواز ۾ چيو، ”ٻاپي ته چري ٿي پيئي آهي. سنڌي-ڳنوارڻ سان ڪير پرڻجندو؟ مان ٿو پنهنجي عمر ڪاريان؟ مان ته ائين ئي اندور گهمڻ آيو آهيان.“

ورانڌي ۾ ٻاڳيءَ جي سهرو ڪٽ تي ويهي حقو ڇڪي رهيو هو. عيشيءَ جي ڳالهه ٻڌي چيائين: ”ها بابا ها. آسين آهيون ڳنوار ۽ تون تنين صاحبلوڪ! ڇو نه ٿيئن بابا؟ نانڪ تي پير پيوسين جو پنهنجي زمين - ماءُ ڇڏي هلي آياسين: هاڻي ته هن ڏٻڻ ۾ آچي ڦاٿا آهيون. اسان جو سڀ ڪجهه هيٺ غرق ٿيندو پيو وڃي!“

ڪوئج - بمبئي

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيام کي ماءُ هنن مار کائيندو ڏسي، پاڙي جا ٻه ٻار سندن
در وٽ اچي جمع ٿيا هئا. گيانيءَ رڙ ڪري چيو، ”اڙي ڪمار،
رميش، وڃو ڪاڪي ڀيرومل جي گهران شيام جي پيءُ کي
ته وٺي اچو! وڃو، جلدي وڃو!“
شيام هن مهل تائين چپ چاپ ۽ هڪ قسم جي نفرتا
سان سڀ ڪجهه ڏسي... سهي رهيو هو. ڪمار ۽ رميش کي
ڊوڙندو ويندو ڏسي سندس پيرَ ڍرا ٿي ويا. سندس تصور ۾
پنهنجي پيءُ جي نهايت پيوائتي ٿي ويل شڪل جا خط ـ خال
اڀري آيا. ڪائنس هڪ سنهي چيخ به نڪري ويئي. اوچتو هن
هڪ زوردار جهٽڪي سان پنهنجي ٻانهن ماءُ جي هٿ مان
ڇڏائي ورتي ۽ اچانڪ ڏيئي گهر کان ٻاهر نڪري ويو. گهر
کان ٻاهر ٿي هڪ پيرو به گهر يا ماءُ ڏانهن نهارڻ بنان، هن
وٺي اسٽيشن جي پاسي ڊوڙ پاتي.
آهو ڏينهن، اها رات ۽ ان بعد ڪيترا ئي ڏينهن خوشيرام ۽
سندس پاڙي جا ماڻهو شيام کي ڳوليندا رهيا. ۽ اڄ شيام
کي گهر کان ڀڄئي پنج سال گذري چڪا آهن.

ڪهاڻي (ڏياري نمبر)ـ بمبئي
آڪٽوبر ١٩٥٩ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي، پنھنجي سنڌي ۾ چرندو ٻڌو ھونداڻين:
”ڏھہ ننڍيون جهرڪيون ٻاڻين ٽيون ٽئي، ھڪڙي آن تي سڙي ويئي، باقي ٻچيون نو...“
”جـهو ڪير پئي سو وير ٽئي...“
”آئي آئي آسا، ٻدڪ تي وڃسان. ٻدڪ جـا ٻچا، ڏسيو پيئي ڏسان، ڊڄيو پيئي ڊڄان...“
؛ شايد موھنيءَ ٻہ پنھنجي سٽ ٺاھي چيو ھوندو، ”ٻدڪ جا ٻچا ڏسيو پيئي ڪلان.“
؛ ھوءَ ڪلي پيئي ھوندي. سندس ڳلن تي ڪريل ڳوڙھن وٽ ڪڏڙيون ٺھي پييون ھونديون. ڪيس تہ شايد منھنجي لپاٽ ٻہ وسري ويئي ھوندي... پـر ملن سندس معصوم اِلتجا ڪـي ڪيئن پلجي سگھنديس، ”آمي مون کي نئون اسڪول ٺھرائي ڏي!“

تو جنين جي تات (ڪھاڻين جو مجموعو)

---

نئين دنيا پبلشرس – بمبئي ١٩٧٠ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيکاريائون. رمون ماءُ کي ٻاڪر وجهي ڳلن تي چمي لڳو، ”منڙي امڙ... جيجل امڙ... اکيون ته کول، چئو مون سان ڳالهائين نه ٿي؟“ رمون کي اها ڳالهه سمجهه ۾ ئي نه آئي ته امڙ گذاري وئي آهي. ڪيس ريجهائي وٺي ويا، رحيما جو جنازو کڻي ويا.

رمون جڏهن گهر آيو ته ماءُ کي سڏ لڳو ”امڙ!... او امڙ!...“

”پٽ تنهنجي ماءُ حج تي وئي آهي“ نانهس چيس.

”نه نه، امڙ مون کي ڇڏي نه ويندي. ضرور هوءَ مون کان ڪاوڙجي وئي آهي. امڙ! خدا جو قسم اڳتي اسڪول کان ڪين گسائيندس. ڪڏهن به دير ڪري گهر نه ايندس. ڪڏهن به ڪنن چوڪرن سان نه کيڏندس نه وڙهندس. ڪڏهن به شرارت نه ڪندس. امڙ مون کي ڇڏي نه وڃ، امڙ مون کي به پاڻ سان وٺي وڃ.“ ”امڙ!... او - امڙ.....!“

ماهوار نئين زندگي - ڪراچي

نومبر ١٩٥٥ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# امير

## ڪمل پياسي

خبر ناهي ته سندس مائٽن ڪيس ’امير‘ جو نالو ڇو ڏنو هو. هو مائٽن کي سڪيلڌو پٽ به ته ڪين هو، ڪيس هڪ ننڍي ڀيڻ به هئي، جنهن کي هو پيار مان ’بلبلي‘ ڪري پڪاريندو هو. بلبلي ۽ امير — ٻه ننڍڙا معصوم، ٻه ابهم، ۽ ٻئي ڏاڍا ٻاجهارا ٻار هئا. ’بلبلي‘ اجا ٽيج - پياڪ هئي، ۽ امير جي عمر ٻارهن سال کن واهه جو ٽيندي. سندس منڙو ڳالهاءُ ۽ منڙو ورتاءُ اهڙو ته هوندو هو، جو سڀني کي موهي ڇڏيندو هو. البت ڪڏهن سندس آبو آما ڇڙٻ ڏيندا هئس، پر هو انهيءَ کي پنهنجيءَ مشڪ سان ٽاري ڇڏيندو هو. امير مون کي وڻندو هو، منهنجي ونيءَ کي وڻندو هو، ۽ اڙون ٿي اسان جي گهر ۽ پاڙي مان سڀني کي وڻندو هو. پاڙي جي ٻارن لاءِ امير جڻ ته رانديڪو هو. هرڪو پيو پاڻ ڏانهن ڇڪيندو هوس. ڪي ڪيس ٽول مٺايون کارائيندا هئا، ته ڪي ڪيس پنهنجن مائٽن مان گڏ گهمڻ وٺي وڃڻ جي آڇ ڪندا هئا. ڪي ته وري اهڙا به هوندا هئا، جي سندس حرڪتن ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي ٻيهندا هئا. امير چلولو به هو، پر سندس چلولائيءَ ۾ به ڏاڍي هبڪار هوندي هئي. مون سان ته ڏاڍو هريو مريو هو. آفيس مان موٽندو هوس ته ڊوڙندو ڊوڙندو اچي ڄنگهن کي ڀڪوڙيندو هو. مان به هنج ۾ کڻي گهر وٺي ايندو هوسانس، ۽ پوءِ هو پنهنجن حرڪتن جو ورنن ڪندو هو.

”چاچا، اڄ مون ڪرموءَ جي ڳچيءَ ۾ ماڪوڙي ڀڪوڙي وڌي! ماڪوڙيءَ چڪ پئي پاتس ته ڪرموءَ رنو پئي ۽ ان

۾ هو، ڪري ڪندو هو- جئن ته ڏنگاين ۽ اڙٻنگاين کان هن بلڪل ئي پاسو ڪري ڇڏيو. انهن ئي هو نوبنو ٿيندو ويو- هو نوبنو ته ٿيو، پر سندس جيون ۾ مون کي هاڻ ڪافي تبديلي نظر آئي. هاڻ هو نه ڪنهن کي چيڙائيندو هو، ۽ نه سائيڪل لاءِ ٻين سان وڙهندو هو؛ نه ڪنهن گاڏيءَ واري کي تنگ ڪندو هو، ۽ نه ڪنهن جي ڪنڌ ۾ ماڪوڙيون وجهندو هو. ڪجهه ٻار سانت، ته ٻاهر به سانت. البت پڙهڻ تي وڏيڪ چاهه ڏيندو هو. سمجهيم ته هن پنهنجيءَ منزل جي راهه ڳولهي لڌي آهي. اهو سڀ ويچاريندي، مون کي امير جا اڳ ياد اچي ويندا هئا: "مان به جڏهن وڏو امير ٿيندس ته پاڻ وٽ نوڪر رکندس، مال مايا ڪمائيندس، موٽر رکندس!"

شيوڪرام تنهن ڏينهن امير کي چماٽ هنئين. سندس انهيءَ چماٽ امير جي آئيندي کي ناهڻ لاءِ هڪ ڪرڙو بڻي. شيوڪرام خود به هڪ دفعي چئي ڏنو: "منهنجو امير ضرور هڪ ڏينهن وڏو امير ٿيندو!" ۽ انهن چوندي، سندس اکين مان لڙڪ نڪرندا، سندس ڳلن کان ٿيندا، سندس خميس ۾ غائب ٿي ويا. مميءَ هيءَ سڀ ڏٺو، ۽ ممتا وچان چئي ويئي: "ست وچن!"

ٺاهي مهراڻ، حيدرآباد سنڌ.

۴ - ۱۹۵۹ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي رکندي چيو.

”بيوقوف آهن. ٻلا ٿرين ۾ ٻه صوف وڪڻبا آهن.“

”ٻيٽ بڪيو آهي!“

سڄي ٿرين ان ٻار بابت ڳالهائڻ لڳي.

(ان لاءِ چاڪاڻ تہ هن بعد هو هميشہ لاءِ هن دنيا کان وسري ويندو).

ٻہ لوھ جا پٽا سڌا افق ڏانهن ڊوڙندا ٿا وڃن. ٿرين انهن ٻنهيان ڊوڙي رهي آهي. (دنيا ۾ سڀ انسان ڪنهن نہ ڪنهن ٻنهيان ڊڪندا رهندا آهن.) سوين انسان وٿاڻ ۾ ٻڌل آهن. آسمان نمي ڌرتيءَ کي چمي رهيو آهي.

ڪجهون لاهارا ڏيئي هيٺ لهي آيون. گرم گلابي رت ٻيڻ لڳيون.

آسمان ۽ ڌرتيءَ لاٿون لهيون. سهاڳ رات ماٺ لاءِ اوندهہ ۾ لڪي ويا.

(اها شام سيني کي وسري ويئي آهي، ٻر هاءِ، مون کي ياد چو ٿي اچي!)

ماهوار روح رهاڻ ــ حيدرآباد سنڌ.

اپريل ١٩٦٤ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيلوءَ وري ڪاوڙ جي پڇيو، ”هي ڇا آهي؟ ٻڌائين ڇو نه ٿو؟“
هن ٻيري مرڪ سان مون ڏي ورت ڏوڙيو ۽ ڏڪندي چيائين، ”موهن جو لاش! اڄ صبح هن کي پوليس تلاءَ مان لڙهندو ڪڍيو.“
شيلوءَ جي منهن مان هڪ زوردار رڙ نڪري وئي: ”هاءِ! منهنجا ٻچڙا تو هي ڇا ڪري ڇڏيو!“ چوندي هوءَ آن جي مٿان ڪري پيئي...

نماهي مهراڻ، حيدرآباد سنڌ.

---

٣ - ١٩٥٦ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽپڻ مهل جاڳي پئي ۽ درد ڪان دانهون ڪرڻ لڳي. هنڪي مضبوطيءَ مان جهلي ـ سو گهو ڪري زخم صاف ڪيا ويا، ۽ انهن ۾ دوائون ۽ پائوڊر وغيره پري پٽيون ٻڌيون ويئون.
مان هنکي ڪڇَ ۾ کڻي، ٻاهر رستي تي اچي، ٽانگي لاءِ واجهائڻ لڳس. هوءَ رت وهڻ سبب، ڪمزور ٿي ويئي هئي، ۽ پرڪندي ٿي ويئي. جهڪي آواز ۾ پڇائين، ”ڪاڏي؟“
”گهر ـ چيمي، تنهنجي گهر پيا هلون ـ هلون نه؟“
”نين ۽ سينهو نه لٺون، نه نه دادي گهر اچڻ نه ڏيندي.“
”چڱو پلا منهنجي گهر هلنديئن ـ ڪيئن؟“
”نه ـ بي بي ماليندي. تالڪ (طارق) ڪي جنگهه ۾ ڏڪ جو لڳا آهن.“ هوءَ سڏڪا ڀرڻ لڳي.
”نه نه ـ نه مارينديءَ. مان جو وينو هوندس.“
”نه نه ـ نا نه... بي بي ماليندي... هل ته دادي ڏي هلون.“
پوءِ هوءَ روئڻ لڳي.
مان مُنجهي پيس.

تماهي مهراڻ ـ حيدرآباد سند

اونهارو ـ ۱۹۵۵ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻ آئي، آفيسن جي بلڊنگن ۾ پڙاڏا پيدا ڪندي، فضا ۾ سمائجي ويئي، ۽ ڪنهن ڪيلي چٺي ڏنو: ’رامون جو گهوٽ دارو پي آيو آهي – !‘

۽ ان رات رامون زال ٻڌجي ويئي: سندس چنچلتا، سندس معصوم اچلون، سندس ڏينگ ٽپا ڪنهن اڄاتي موت مري ويا!

منهنجو دوست شاديءَ جي فلسفي ٻڌائڻ ڪرڻ ۾ محو هو، ۽ مون کي ڪنهن روشن نگريءَ ۾ ڏياريءَ جي موقعي تي هڪ هڪ تي سمورا ڏيا وسامندا نظر آيا، ۽ جڏهن آخري ڏيئو وسامڻ تي هو، تڏهن ڏيئي جي سڙندڙ وٽ مان ڪنهن رامونءَ ڪنجهندي چيو: ”سائين، ڏياري وري ڪڏهن ڪانه ايندي. ڏياري ته مري ويئي! رامون مڙي ويئي، ڏياري مري ويئي!“ آخر ڏيو به وسامي ويو، ۽ ان جاءِ تي اوندهه جو وڻ هڪ ڦٽي صديـن جي اوندهه جو پيچ پيئندي، ڪارا ڪارا، گهرا گهرا ڦاچولا ڦڪيڙڻ لڳو!

ماهوار روح رهاڻ- حيدرآباد سنڌ

---

جولاءِ 1960

موهن چئي ڏنو، ”تنهنجو پيار بي معنيٰ آهي.“
ميرا ذرا ماٺي سان چيو، ”اٺو، جلدي ڪپڙا مٽي اچو. ڪيڏي مهل ڪان پي توهان ڏانهن نهاريو اٿم.“
موهن کي ميرا جي بدليل رخ عبرت ۾ وجهي ڇڏيو. باقي ته موهن جي حيرانيءَ جي حد نه رهي، جڏهن ميرا معصوميت سان موهن جي پير ۾ ليٽي پئي ۽ مندس گلي ۾ ٻانهون وجهي، ڪيس چنبڙي چيو، ”ربڙ جي گڏي نه، رت ماس جي جيئري جاڳندي مورتي آهيان. مرضيءَ موجب ڦري گهري سگهان ٿي.“
موهن هڪ ڪن وشواس نه ايندڙ نگاهن سان ميرا ڏانهن نهاريو ۽ پئي پل هن ته ميرا کي پاڻ سان جڪڙي ڇڏيو. ميرا موهن جي آغوش ۾ سمائجي ويئي، جيئن ندي ساگر ۾.

ماهوار روح رهاڻ. حيدرآباد سنڌ

جون 1966

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ٻاهران ٻيهار، مان ٻاڻيهي ائن آئن جو ٻندوبست ڪريان !“

ڦتن فقير ڏانهن هلڻو ويو.

راجو گهر ۾ گهڙيو ته ڏٺائين پڻس ماني کائي رهيو هئو.
ماڻس چيو، ”پٽ آچ، ماني آچي کاءُ.“

مگر هو ڪو به جواب نه ڏيئي اندرين ڪمري ۾ گهڙي ويو.
آتي پيءُ جي ڪوٽ مان ٻمٿون ۾ ٻمٿين .مان هڪ آڏي ڪيڍيائين. آڏي روشني ۾ چمڪي رهي هئي. هن سوچيو: جڏهن فقير اها چمڪندڙ آڏي ڏسندو تڏهن هن جون اکيون به ان آڏي وانگر چمڪي آٿنديون. مگر راجو جيئن ئي دروازي ڏانهن وڌيو، تيئن پيءُ کي دروازي وٽ بيٺل ڏسي ڊڄي ويو.
پڻس رڙ ڪئي: ”گهڻا روپيا ڪڍيا اٿيئي؟“
”آٺ آنا؟“
”ڇو؟“
”کپندا هئا!“
” اڳ ۾ پندرهن روپيا ڪڍيا هئيئه؟“
”ها.“
”ڇو“
”کپندا هئا!“

پڻس اکيان وڏي ير ڪري ڪيس زور مان چماٽ هڻي ۽ پوءِ مٿانئس گارين جو ڏوڙيو وسائڻ لڳو. راجو بولاني کائي وڃي پٽ تي ڪريو. آڏي هن جي هٿ مان ڇڏائجي، ڇيڪلي جيان هلندي، وڃي جاري تي رکيل ڪرشن جي مورتيءَ هيٺان بيٺي. مورتيءَ ۾ ڪرشن هڪ گوال جي پنيءَ تي ٻيهي هڪ منڪي مان مکڻ چورائي رهيو هو. پاسي کان به گوال مکڻ کائي رهيا هئا.

پٽ کي مار کائيندو ڏسي ، ماءُ ڦلڪي کي تئي تي ڇڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي هئي. منهنجي بابا منهنجي فيءَ نه ڀري. ٻئي ڀري هيءَ مون ۽ ڪنهن جي ٻه پنج پنج رپيا في ڀريا آهن - دادا، اڄ هن ڪي ان آنا ڪپندا هئا. هڪ فقير ته ڏينهن ڪان ماني ڪونه کاڌي آهي... "

راجوءَ جي پيءُ ڪي روئڻ اچي ويو. هن اڳتي وڌي ڪرشن جي تصوير اڳيان پيل آڏي ڪنهي ۽ دک مان رڙ ڪئي،

"راجو-راجو! پٽ مون کي معاف ڪر. راجو-راجو-راجو!"

مگر ڪوبه جواب نه آيو.

راجوءَ - ماءُ رڙ ڪئي، "راجو ڪيڏانهن ويو- ڏسو وائڙن جيان منهنجو منهن ڇاٽا تڪيو- پڇو- ڏسو، ڪيڏانهن ويو- اوهان ڪي ته صرف پئسو ئي پيارو آهي."

راجوءَ پيءُ پيرين اگهاڙو ئي گهر ڪان ٻاهر ڀڳو. هڪ ئي وقت عجيب قسم جا انوسان هن جو جاڳيا. ٻار جي وچترمن جو راز ڪير ڄاڻي! مگر هن ڪي گهڻو ڳڪڻو نه پيو. سامهون هڪ سڙڪ جي ٻنيءَ هيٺان رجو ويٺو هو ۽ هيٺ پٽ تي هڪ فقير روٽي کائي رهيو هو.

"ڪاتيءَ هيٺان ڪنڊ"

محل پبليڪيشن، شڪارپور ١٩٧٢ع

هرڻيون شايد هرڻيون آهن، سڀ ساڳيون. من موهڻيون اکيون، اهي ئي اکين ۾ التجائون ۽ صدين جون صدائون. پر ماڻهوا! منهنجي آڏو بلاول جون اکيون، پوءِ غلاموءَ جي پٽ جون اکيون ڦري آيون. ڪيڏيون نه مختلف هيون!

”ڪيڏو نه زمان و مڪان جو فرق آهي!“ مون سوچيو.

مون پنهنجي پٽ ڏانهن ڏٺو جو هرڻيءَ مٿان رڙيون ڪري روئي رهيو هو. مون کي ائين لڳو ته هو بلاول بڻجي ويو آهي.

چهه ماهي پرک ١٩٧٧ع

سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي انور سندس پيٽ- ڄاڻو نه هو، پاليو نپايو ته پاڻ هئائين، سندس خاوند جي اکين جو نور هو، پاڻ ٻه هڪ ٻارجي ماءُ هئي، ماءُ جو پُرخلوص جذبو سندس سيني ۾ ڪَرَ موڙي آيو، چپن تي پيار ڀري مُرڪ آئي، انور جو مٿو ڪٽي پنهنجي گوڏن تي رکيائين: ”صدقي وڃان پنهنجي ٻچڙي تان!“— ائين چئي، سندس پيشانيءَ تي چمي ڏيئي، آهستي آهستي پنهنجون آڱريون هن جي وارن ۾ ڦيرائڻ لڳي.

ماهوار مهراڻ، ١-٢/١٩٦٠

حيدرآباد سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آهــا

## طارق اشرف

صبح جي وقت، ڪنهن ٽڪڙي ڪم سببان وڃي رهيو هوس. گاڏي ڪاٺي وارو چوڪ مٿان ٿي، ايراني هوٽل ڪان ڪجهه اڳيرو ٿيو هوس، جو اوچتو سوچ جو سلسلو ٽٽو. ڪنهن بشرٽ ڪان جهلي ڇڪيو هو، مڙي ڏٺم. ننڍڙي نينگري هئي، لڳو هوم ته هن پئسا گهريا هئا. ڪاوڙ مان سندس هٿ ڇڏايم. ”شرم نٿو اچئي. ايڏڙي – هينئر ڪان ٿي پنين ٿي.“

هوءَ هيسجي ويئي، هيسيل آواز ۾ چيائين، ”مون ته پاڻي گهريو.“

اُئين محسوس ٿيم، ڄڻ پيرئي رستي تي ڪنهن الف اگهاڙو ڪري وڌو هجيم. پر يڪدم خيال آيم، سامهون سبيل آهي. مٿس ايترا هيٺ آهن جو هوءَ پاڻ به پاڻي پيئي تي سگهي. ڪاوڙ موٽي آئي، وچڻ جي ٽڪڙ هئم. چڙب ڏنم، ”هٿ ڪونه اٿئي، پاڻ ڇو نٿي پيئي پئين.“

هنجي چهري تي ويچارگي ڦهلجي ويئي. جهيڻي آواز ۾ چيائين، ”آءٌ مسلمين ناهيان.“

ڏڏجي ويس، سوچ ۾ ٽڪڙ ۾، ڪيس غور سان نه ڏٺو هئم. هنجي ڪپڙن مان لڳو ته ڀيلڻ يا ڪولهڻ آهي.

مون وڌي، مٿ مان، پرسان رکيل جست جي مڙيل سڙيل گلاس ۾ پاڻي ڀريو، ۽ هوءَ وات وٽ ٻُڪ جهلي، ڪجهه جهڪي بيٺي، مون پاڻي سندس ٻُڪ ۾ وڌو، ڪجهه پاڻي هيٺ ڪريو، ڪجهه وات ۾ ويس. مان سوچڻ لڳس: هيءَ به

نينگري ڏاڍي معصوميت سان چيو، ”مون پنسا ته ڪونه گهريا، مون ته پاڻي گهريو.“ واڻهڙوءَ جي منهن جو پنو لهي ويو ؛ هو مٺن ڏانهن وڌيو.
مان اکيان وڌيس. مون ڀرين وارو نظارو ڏسڻ نٿي گهريو.

ٿاري پبليڪيشن نمبر ٣/فبروري ١٩٨٠
حيدرآباد سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميرو چولو مٿي ڪري، ڪڪي کي ٽيج اچي ڏني. آن مهل ڪڪي کي ٻڪ ڪانه هئي.

۽ جڏهن وقت گذرندو ويو، جڏهن سندس زال ڪڪي کي مرڪڻ سيکاريو، جڏهن ڪڪي 'امان بابا' سکي، تڏهن کيس اها امانت ياد پيئي جيڪا کيس پڻس کان، پڻس کي ڏاڏي کان ۽ ڏاڏي کي پڙ ڏاڏي کان ملي هئي. اها امانت پنجن آڱرين وارو اشارو نه هئي جنهن کي ٻين لفظن ۾ 'پونڊو' سڏبو آهي. هن پيري ڪڪي کيس پونڊو ڏنو هو، جنهن تي سندس ڏند نڙي پيا هئا. تنهن کان پوءِ ماءُ جو وارو آيو، پوءِ ڏاڏي جو، جو ڏسي نري پيو. پنهنجي پيءُ جو ورثو هن پنهنجي پوٽي تائين پهچائي ڇڏيو هو ۽ اهو نه ته سندس مٿان خانداني ٻار هو!

ماهوار روح رهاڻ، نومبر ١٩٦٣ع

حيدرآباد سنڌ

کي گهڙيون اُداس ٿي ويس. همت ٿي نه ٿي ته دروءَ بابت شاهه صاحب کان ڪجهه پڇجي.
اسين ڪوڪي سوڌو ڊاڪٽر جي بنگلي وٽ پهتاسين. هڪ ڇوڪرو ٻاهر آيو، هن اسانکي يڪدم سڏائي ورتو. جلدي اسان به ڪيس سڏاتو. ايتري وقت گذرڻ کان پوءِ به هن ۾ ڪا خاص واڌ يا تبديلي نه آئي هئي - جسم ۾ اهڙو ئي ڪمزور آواز به اهڙو ئي، پر وڌيڪ درديل، عذابيل ۽ مظلوميت سان ڀريل.
”چانئين، مونکي وٺي هلو چانئين.“ درو ڳالهايو.
هانءُ ڇيهاڻجي ويم. هو ايلازن سان معظم جي پيرن تي ڪري پيو. مان برداشت ڪري نه سگهيس. منهنجي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو.
معظم منهن ٻئي پاسي ڪري لڙڪ اگهيا ۽ ڏيرج سان دروءَ جي پٺي ٺپي واپس وريو.
پنڌيان ڪنڌ ورائي ڏسڻ جي اسان ۾ همت نه هئي. اجل جي چانئي ۾ پرورش پائيندڙ هي پونو، سج جي سونهري ڪرڻن ۽ کليل هوا جي تازگي کان محروم رهي ڪومائجي چڪو هو.
شاخ مان ٽٽل گونچ به ڪڏهن کِڙيا آهن؟ مون پنهنجي پاڻ کان سوال ڪيو، ليڪن...

هفيتوار برسات (جلد ۲ شمارو ۱)
ڪراچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽس ٻانهن ڪان وٺي ڪيس مٿي ڪنيو ۽ پنهنجي مٿي ڪان مٿي ۽ ڪنڌ وَيل زبان وات ۾ ڦيرائيندي ڪيو: "اڙڙڙڙ-" ٻوءِ هيٺ آٽي نيرڙ تي ڇمي ڏنائينس، "مان تو توکي وٺي ڏيان." هن ڇڏي ڏني ڇيس. هو پيءُ جي ٻاڪر ۾ ٽنگن جون ڇڙهيون هڻڻ لڳو: "هينئر وٺي ڏي." منهن سڄائي، چپ ٻولا ڪري ڇپائين.

"ڇڱو گهٽيون موٽريون ڪيئي؟" پٽس ٻانهن ڏئي، هنج ۾ ڪنيس.

"هڪ." هن ڪنڌ هيٺ ڪري شرمائي چيو.

"س!"

هو چپ. اچا وڏيڪ اڄ مان منهن هٽ ڪري پيءُ جي ڇاتيءَ ۾ لڪائي ڇڏيائين.

"ڇڱو ٻڌ، ٻهرين تاريخ مان توکي ٻه موٽريون وٺي ڏيندس."

پٽس دلبو ڏنس.

"نه- اڄ." هن پير جي ڇڙهي هنئي، ۽ ٻاڪر مان پاڻ ڇڏائڻ لڳو.

"ڇڱو ٻڌ پلا!"

هو چپ.

"تون منهنجو سٺڙو پٽڙو آهين نه؟"

هو چپ. ڪنڌ هيٺ.

"سٺڙا پٽ رسندا نه آهن. ها نه! مشتوءَ وٽ رڳي هڪ موٽري آهي نه، سا به ڪٿي ڪٿي. مان توکي ٻهرين تاريخ پنج موٽريون وٺي ڏيندس. پنج! پنهنجي بابل کي پنج!"

پٽس هڪ تجربيڪار پيءُ وانگر هن کي دلبي ڏيڻ مان ڳڌ سندس توجه به هٽائڻ لڳو: "شاباس منهنجو ڏاهو سٺو پٽ! ٻيا سڀ ڪيناه. منظور ڪينو، شمي ڪيني، قمر ڪينو- باقي منهنجو شمن سٺو. ها نه؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشتو موٽري ڪاهي سنڌس پر ۾ آيو ۽ چيائين، ”شمو، اڄ ته ڪيڏو ن.“ ٻاراڻي سادگي جنهن ۾ برچاڻ لاءِ منتق هئي .
”ن.“ هن مختصر ورائيو .
سامهون، مشتوءَ جو پيءُ سيٺ رحيم اچي رهيو هو . سنڌس پنيان نوڪر هو ۽ ان جي هٿ ۾ ٿرماس هو .
مشتوءَ پيءُ کي ڏٺو ته شمن کي ڇڏي، موٽريءَ جو اوڏانهين رخ ڪيائين، ۽ خوشيءَ پريل آواز ۾ چيائين: ”بابا.“
پٺس پر ۾ اچي، ڪيس هنج ۾ کنيو ۽ پوءِ گهر ڪئي ويس ؛ نوڪرياڻي سنڌس موٽري کهلي اندر وٺي ۽ نوڪر ٻاهر بيٺو رهيو .
هو ساڳي بجاءِ جي ٿنيي هيٺان اچي ويهي رهيو ، ڳوري من ۽ منجهيل ذهن سان . ڪن گهڙين کان پوءِ پٺس ڏٺو . ۽ ڏسي سڌو هليو ويو . پن ڄاتل سڃاتل نظرن جي ميلاپ ۾ هڪ وڇوٽي هئي . ان وڇوٽيءَ جي خال ۾ هڪ احساس هو: اڇاڻپ جو ۽ اجنبيت جو .
شام جي ڪاراڻ وڌڻ لڳي . ٿنيي ۾ لڳل بلب بي آواز جهٽڪو ڏئي ٻريو . وڌندڙ اونداهه ۾ ان جي روشني اجا وڌيڪ جهيڻي ۽ عجيب ٿيڻ لڳي . جڻ ته اونداهه آهستي آهستي ان جهيڻي روشنائي کي ڳڙڪائي ويندي .
۽ هو ان اوندهه ۾ وڪوڙيل هلڪي ۽ جهيڻي روشنيءَ ۾ ويٺو رهيو .

نماهي مهراڻ، ٣-١٩٧١ع
حيدرآباد سنڌ .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عيد جي خرچي

## ظفر حسن

”بابا جي اڄ چنڊ نہ ڏٺو تہ ڇا عيد نہ ٿيندي؟“
”نہ پٽ، اڄ تہ چنڊ ضرور ٿيندو.“
”پر جي ڪالهہ وانگي اڄ بہ نہ ڏٺو تہ!“
”اڄ تہ چنڊ پڪ ٿيندو. اڄ تہ ٽيهون روزو آهي نہ!“
پٽس کان پڪ ملند يئي ساران کڏڻ لڳي ۽ اتان ٿي رڙ ڪئي: ”مقبو پڏئي، بابا چئي ٿو تہ سڀاڻي عيد ضرور ٿيندي.“
ٻاهر اڱڻ ۾ مقبول ٻاڙدي ۽ سان پاڻيءَ جا ڏول پري مٽ ۾ وجهي رهيو هو. هن ساران جي آواز تي ڪنڌ ڦيرايو ٻي ڀيڻس، تہ ساران سندس آڏو پهچي چڪي هئي.
”پڏئي، بابا چئي ٿو سڀاڻي عيد ضرور ٿيندي.“ ساران کيس اها خبر پڌائيندي آڱر ۾ اچي ويئي. ڇو جو هن سمجهيو تہ اها خبر هن کي مقبول کان اڳواٽ پئي هئي. ڪنهن ڳالهہ جي اڳ ۾ خبر پوڻ جي خوشي ٻارن کي تہ نهيو پر وڏن کي بہ ٿيندي آهي.
”ها ها، مون کي بہ خبر آهي. توکان پهرين مون کي خبر پئي.“ مقبول ساران جي آڱر جو ڪو بہ اثر نہ وٺندي چيو.
”هل ڪوڙا! تو بہ پڌي ورتو – بابا تہ مون کي پئي پڌايو.“
مون کي تہ سائين ٻچل پڌايو. چيائين پئي تہ چنڊ نہ ڏٺو

”عيد مبارڪ.“ هوءَ هميشه صاحب جي گهر ائين عيد جي خرچي وٺڻ مهل ڪندي هئي. هن پنهنجو هٿ وڌائي ڳري ڪولي، پر هن جو هٿ ٻيڙيءَ جي پيو ۽ ڪنڌ لڙڪي پيو ۽ سندس چپ اڌ کليل رهجي ويا.

ماهوار سوجهرو ڪراچي

---

نومبر 1973ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پشپ

## ولي رام ولڀ

”تون جلدي ناراض ٿي وڃين ٿي،“ جيون جي لهجي ۾ ايندڙ طوفان جا آثار هئا.

”ناراض ڪٿي ٿي ٿيان،“ آشا پنهنجو پاڻ کي قابو ۾ رکندي چيو، ”پر توهان ٻي ڪٿي ٻڌايو ته جيڪڏهن روز روز توهان کي ڪو ساڳي ڳالهه پيو ٻڌائيندو ته توهان تي ڇا گذرندي؟“

جيون اڃا گرجڻ وارو ئي هو ته، آشا پنهنجي صفائي ۾ وري چوڻ لڳي، ”انهيءَ ۾ مون اڪيليءَ جو قصور ڪونهي، توهان جو حصو به ته آهي.“

”ڇا چيئه؟“ جيون پاڻيءَ مان نڪري ويو. هٿ مان قابو ڪيل بغل وارو فائيل ڪٿي ڪٽ تي اڇلايائين، ”جيئن آئي آهين، چورين جي پويان پرمار اٿيئي.“

”آهي ته ڇا ٿي پيو؟ پنهنجي گهر جو ٿيون ڪائين، ڪنهن ٻئي وٽ گهرڻ وئيون آهن ڇا؟“ آشا ٻڙ ٻڙ ڪئي.

”زور مان ڪڇ، ڇا ٿي چئين؟“ جيون جو پارو چڙهي ويو هو.

”ڇوان ٿي ته انهيءَ جي خبر توهان کي شادي کان اڳيئي هئي ذرو سوچي ڪريو ها.“

”مونکي ڪهڙي خبر؟“

”توهان کي اها به خبر هجي،“ آشا هٿن ۾ ڪنيل چانورن جي ٿالهي هڪ پاسي رکندي چيو، ”پٽ يا ڌيءَ ڄمڻ، پيءُ تي ٻي

ته اھو سمجھي ونئي ته سندس ٻيءَ غصي ٿيندو. جڏھن جيون گھر ۾ ھوندو ھو، تڏھن سندس پٽڪڙا پير فرش تي بنا آواز جي چرندا ھئا، سندس ڪاڻ به ڍيل ھوندو ھو، ۽ پاڻ منجھيل منجھيل لڳندي ھئي.

۽ پوءِ ڪين وري ھڪ ڏي جائي.
آشا جي دل ۾ ڌڪو پيدا ٿيو.
'وري به ڌيءَ!' ھوءَ سوچڻ لڳي. ھاءِ! ھي ڪھڙو سماج آھي جنھن ۾ عورت جي جنم تي عورت ماتم ڪري ٿي. شايد انھيءَ ڪري جو ھوءَ عورت جي بيوسيءَ کي خوب سمجھي ٿي يا شايد ھوءَ به مرد جي دنيا ۾ رھندي رھندي مردن جيئن سوچڻ لڳي آھي.
امرتي کي ھنج ۾ کڻي آشا پيار ڪيو ۽ من ئي من ۾ سندس سڌيا ڳيم لاءِ ڀڳوان در پاڌائڻ لڳي. ھن محسوس ڪيو ته جڻ جيون جو اتساھ ختم ٿي ويو ھجي، جڻ جيون جي من ۾ آشا جي خلاف ڪا شڪايت جاڳي اٿي ھجي.
ھوءَ سندس منھن مان تسلي جا ڪي اکر ٻڌڻ جي اميد رکي ويٺي ھئي پر اڻين نه ٿيو.
ھن دفعي ڪيس ذرو ڀر ننڊ نه آئي ۽ ھوءَ ڪري به ڇا ٿي سگھي. ٻه ننڍڙا ننڍڙا ٻار سنڀالڻ ۽ ساري گھر جي ڪڻ ٻاءِ ۽ پوءِ وري ٻاھر...
جيون من ئي من ۾ جلندو رھيو، پر ڪڇيو ڪي به نٿي. انھيءَ کان بھتر ھو ته پنھنجي دل جي ڀڙاس ڪري غصو ته ڇنڊي ھا.

”اوھين ناراض ٿا ڏسجو مون سان؟“
”مان؟ نه نه...“

”اڄ ڪلهه ٻه ٽي ٻار ڪافي آهن.“ هو ڪجهه دير رڪي چوندو هو، ”ٽيئين ٻار کي جنم ڏيڻ پنهنجي ملڪ جو ٻار وڌائڻو ٿيو، ۽ وري اسان وٽ ڪهڙي ملڪيت پيئي آهي جنهن مان بعد ۾...“ آشا جي منهن ڏانهن ڏسندي هڪدم ٻيهي رهندو هو.

”آشا تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟“

”مان ڇا چوان! مون کي مستقبل جي ڪهڙي خبر؟ مون کي جيڪڏهن سڌ هجي ها ته ٽيون ٻار ضرور پٽ ٿيندو ته مان جيڪر توهان کي ضرور ٻڌايان ها.“

آشا جي جواب ۾ ڏنگ هوندو هو ۽ جيئن ڏنگجي ويندو هو.

”تون ته جلدي ناراض ٿي وڃين ٿي.“

۽ پوءِ اها ئي روز واري ’تون ڇا تون ڇا‘ ٿيڻ لڳندي هئي. آشا کي پٽ لاءِ سِڪ ڪا گهٽ نه هئي، پر هوءَ پنهنجي ڏيرن کي ڪڏهن به ڪنهن جي پٽن کان گهٽ نه سمجهندي هئي ۽ من ئي من ۾ پنهنجي ’پشپا ۽ امرتي‘ جي ’سپاڪيه لاءِ شپ‘ ڪامنا رکندي هئي.

مندس پئي ڏيرون ’پشپ‘ جي خيالي ڇانوَ هيٺ وڌيون ٿينديون ويون. لک ڪوشش جي باوجود، آشا کين ’پشپ‘ جي ڇانوَ ۾ پيدا ٿيل اندڪار کان بچائي نه سگهي. مندن ننڍڙا پتڪڙا پير، ڊ ٻيل چال سکي ويا هئا، سندن مشڪ ٻه منجهيل ۽ گهٽيل هئي.

’سهڻي‘ ڪتابي سلسلو حيدرآباد سنڌ
آڪٽوبر ٧-١٩ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارو، ڪوٺن وارو ۽ ٻيا دڪاندار اچي مڙيا. ٻڪوڙائيءَ چيو، ”ويچارو ٻڪ تي مري ويو.“ ۽ ٻوڙ پائي ڍاڪو ڪن ڪچوريون آڻي سندس ڀاءُ کي ڏنائين.

هن ڪچوريون ورتيون، پنهنجي ڀاءُ ڏي منهن ڪري روئيندي چيو، ”ادا ڏس هي هاڻي ڪچوريون ڪٿي آيو آهي.“ ۽ ڪچوريون هيٺ رکي ڇڏيائين.

حجم چيو، ”ويچارو مينهن ۽ سيءَ ۾ مري ويو.“

ڪوٽن وارو هڪ ڪوٽ کڻي آيو ۽ هن کي ڏيندي چيائين، ”اچي هي ڪوٽ تون ڀاءُ، سيءَ تو پوي.“

هن پنهنجي ڀاءُ جي لاش ڏانهن منهن ڪري چيو، ”ادا ڏس، اڳ هي ڪوٽ جو اگهه ٻه نه پيو ٻڌائي، پر هاڻي مفت ۾ ڪوٽ ٿو ڏي! پر نه، مان ڪوٽ نه پائيندس، مان پڪوڙا نه کائيندس.“

مينهن اچا بند نه ٿيو هو ۽ هشام ماڻهن جا اهو ٻه وساري ويٺا هئا، ته هو مينهن ۽ سيءَ ۾ روڊ تي ويٺا آهن ۽ سندن ڪپڙا پسجي چڪا آهن.

ڪهڙيل خواهشون

مشعل پبليڪيشن لاڙڪاڻو
جنوري ١٩٧٧ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سهڻي پبليڪيشنس، حيدرآباد
## جا شايع ٿيل ڪتاب

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ١- | اسانجي سنڌ | (ڪهاڻيون) | مختلف ڪهاڻيڪار | ختم ٿيل |
| ٢- | اڻ وسرندڙ ڪهاڻيون | " | الطاف شيخ | " |
| ٣- | وايون وڏجارن جون | (سفرنامو) | الطاف شيخ | " |
| ٤- | بندر بازاريون | " | الطاف شيخ | " |
| ٥- | غدار | (ناوليٽ) | ڪرشن چندر | " |
| ٦- | سونهن پٿر ۽ پيار | (ڪهاڻيون) | طارق اشرف | ختم ٿيل |
| ٧- | ميرو ڏاڙيل | (ناول) | طارق اشرف | " |
| ٨- | ڳاڙها هٿ پيلا چهرا | (شعر) | ذوالفقار سيال | ١٦-٠٠ |
| ٩- | رشتا ناتا | (ڪهاڻيون) | نجم عباسي | ختم ٿيل |
| ١٠- | پيار جي پري | " | غلام رباني | " |
| ١١- | بدمعاش | " | جمال ابڙو | " |
| ١٢- | سفيد وحشي | " | شيخ اياز | " |
| ١٣- | سمونڊ جي ساڻيهه | (سفرنامو) | الطاف شيخ | " |
| ١٤- | منهنجي حياتي جا سونا روپا ورق | | پوپٽي هيرانندائي | " |
| ١٥- | جاني تہ جهاز ۾ | (سفرنامو) | الطاف شيخ | " |
| ١٦- | آها شام | (ڪهاڻيون) | موهن ڪلپنا | ١٠-٠٠ |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هن ڪتاب جا ليکڪ

لالچند امر ڏنو مل جڳتياڻي، شيخ اياز،
جمال ابڙو، زينت چنا، پوپٽي هيرانندڻي،
سڳن آهوجا، سندري آتمچنداڻي، اياز قادري،
شيخ حفيظ، ڪمل پياسي، ڪرشن کٽواڻي،
جڳديش ايس لچاڻي، بشير مورياڻي، سراج،
تارا ميرچنداڻي، موهن ڪلپنا، علي بابا،
حميد سنڌي، غياث جوڻيجو، طارق اشرف،
نظير شيخ، ڪلا پرڪاش، ماهتاب محبوب،
مانڪ، ظفر حسن، ولي رام ولڀ، حليم بروهي،
زيب سنڌي

پنهنجي موضوع جي لحاظ کان هيءَ سنڌيءَ جو
پهريون ڪتاب آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پـَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪِٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻچاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‍ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا يارُ

پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.

- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book